# بَڪ بَڪي ڪُمي

هِڪَ تَلاءُ ۾ هِڪَ ڪُمي رَهندي هُئي. ڪُميءَ جي ٻن هنس پکين سان دوستي هوندي هُئي. ٿيئي هِڪ ٻئي جي ڏُکَ - سُکَ ۾ ڪم ايندا هُئا.

هِڪَ سال تَلاءَ واري ايراضيءَ ۾ بَرساتِ نَہ پوَڻَ سَبَبِ تَلاءَ جو پاڻي ڏيري ڏيري سُڪَڻَ لڳو. حالتِ اَهڙي اَچي ٿي جو ڪُميءَ پَنهنجي ٻنِ هنس دوستَن کان مَدَدَ وَٺَڻَ جو ويچارُ ڪيو. ڪُميءَ اُنهن کي ٻُڌايو تَہ هِنَ تَلاءَ جو پاڻي ڪُجهہ ئي ڏينهَنِ ۾ سُڪي ويندو ۽ پاڻيءَ جي اَڻَ هوندَ سَبَبِ سَندَس پراڻَ پکيئڙو اُڏامي ويندو.

ٻنهي هنسنِ ڪُميءَ کان پُڇيو. ”اَسان تُنهنجي ڪهڙي مَدَدَ ڪري سَگهون؟“ ڪُميءَ کين چَيو ”توهان ڪِٿان ڪائي مَضبوط نوڙي يا لَڪڙيءَ جو ٽُڪرُ ڳولهي اَچو. اُن نوڙيءَ يا لَڪڙيءَ جا ٻئي ڇيڙا هِڪُ هِڪُ ڪري تَوهان پَنهنجي پَنهنجي چُهنبَ ۾ مَضبوطيءَ سان پَڪڙجو. لَڪڙيءَ جي وِچَ واري حِصي کي واتَ سان پَڪڙي مان لَٽڪي پَوندَس. پوءِ تَوهان اُڏامي مونکي ڪَنهِن اَهڙي تَلاءَ ۾ پَهچائجو جتي ڀَرپور پاڻي هُجي.

ڪُميءَ جي ڳالهِ ٻُڌِي، ٻئي هنس کِلَڻَ لڳا ۽ ڪُميءَ کي چَيائون ”پيارَ ڪُمي، تون جيئَن چوين ٿي، اَسين تُنهنجي لاءِ اَهڙو ئي بَندوبَستُ ڪنداسين، پَرهِڪَ ڳالهہ جو اَسان کي ڏَپُ آهي!“

ڪُمي ۽ پُڇيو - ”ڪهڙي؟“

هنسنِ جَوابُ ڏِنو - ”پيارَ ڪُمي، توکي گهڻو ڳالهائِڻَ جي عادَت آهي. تون جَڏهِن لَڪڙيءَ جي وِچين حِصي کي وات سان پَڪڙي لَٽڪيل هوندينءَ ۽ اَسين مَٿي - مَٿي آسمانَ ۾ اُڏامندا هونداسين، تَڏهِن توکي اَسان سان گڏُ آسمانَ ۾ اُڏامندو ڏِسي هيٺِ ماڻهوُ طَرَحَ طَرَحَ جون ڳالهيون ڪندا، جيڪي ٻُڌِي توکي ضرور غُصو ايندو. اُنهَنِ کي جَوابُ ڏِيَڻَ لاءِ جيئَن ئي تون واتُ کولِيندينءَ تَہ تون وَڃي هيٺِ ڪِرَندينءَ ۽ مَري ويندينءَ. اُن جو اَسان کي ڏاڍو ڏُکَہ ٿيندو!“

ڪُميءَ چَيو - ”دوستو، مان تَوهان کي خاطري ٿي ڏيان تَہ مان پاڻَ تي پورو ضابطو رَکندَسِ ۽ بِلڪُل نَہ ڳالهائيندَسِ.“

هنسن چَيو - ”ڪُمي پيارَ، جيڪا تُنهنجي مَرضي!“ ڪُميءَ جي يوجنا موجِب ٻئي هنس ڪُميءَ کي اُڏائي ڪَنهن ڀَرپور پاڻيءَ واري تلاءَ ڏانهن وٺي وَڃي رَهيا هئا. اُنَ عَجيب نِظاري کي ڏِسي ماڻهوُ طَرَحَ طَرَحَ جون ڳالِهيون ڪَرَڻَ لڳا. پَنهنجي بَڪ بَڪ جي عادَت کان مَجبور ڪُمي، پَنهنجو ضابطو وِڃائي ويٺي ۽ جيئَن ئي ماڻهُنِ کي جَوابُ ڏيڻَ لاءِ واتُ کوليائين تَہ ڌَڙام سان اَچي پَٽ تي پيئي ۽ اُتي ئي مَري ويئي.

**نصيحَت :**

ڏِکئي وَقتَ ۾ پَنهنجن ڀلو چاهِيندَڙَنِ جي ڳالهِ مَڃڻُ گُهرجي.